ٻارن لاءِ 'درس لطيف' جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب ٽيون)

سهيڙيندڙ
ڊاڪٽر فهميده حسين

صلاحڪار
تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ.
2012ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر 188
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# اسان جو شاهه لطيف (ڪتاب ٽيون)


| | |
|---|---|
| سهيڙيندڙ: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| صلاحڪار: | تاج جويو ۽ سيد شير شاهه |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | آگسٽ 2012ع |
| تعداد: | 1000 |
| قيمت: | 30/= روپيا |

**Catalogue Reference**
Dr. Fahmida Hussain
Asan Jo Shah Latif
Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-9098-93-2

هيءُ ڪتاب، اڪادمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد جي مالي سهڪار سان شايع ڪيو ويو.

ASAN JO SHAH LATIF

| | |
|---|---|
| Compiled by: | Dr. Fahmida Hussain |
| Edition: | First |
| Year: | August 2012 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs. 30 /= |
| Composed by: | Hussain Ahmed & Asadullah Bhutto. |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Printed by: | Pakiza Printers, Hyderabad. |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |

هيءُ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميشرز پاڪيزه پرنٽرز حيدرآباد کان ڇپائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

## Contents

هن ڪتاب بابت .......... 4
پنهنجي پاران .......... 5
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پيغام .......... 7
شاهه  عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾  نصيحت جا نُڪتا .......... 9

# هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ٽن سُرن: ”سُر ڪلياڻ“، ”سُر يمن ڪلياڻ“ ۽ ”سُر سِريراڳ“ مان چونڊ بيتن ۾ شاهه صاحب جي پاران ڪيل نصيحتن ۽ هدايتن تي روشني وڌي وئي آهي.

”سُر ڪلياڻ“ ۾ الله تعاليٰ جي حمد ۽ ساراهه وارا بيت شامل آهن. ان ڪانپوءِ هن سُر ۾ صوفياڻن بيتن ذريعي خالق ۽ مخلوق جي تعلق بابت سمجهايو ويو آهي. ساڳيءَ طرح سان ”سُر يمن ڪلياڻ“ ۾ صبر ڪرڻ، پاڻ تي ضابطي رکڻ ۽ اعليٰ اخلاقي نُڪتن تي زور ڏنل آهي، جن ۾ اٺ ئي پهر ادب ۾ گذارڻ جو پيغام آهي.

”سُر سِريراڳ“ ۾ شاهه صاحب، سمنڊ ۽ درياهه ۾ ٻيڙين، جهازن ۽ انهن کي هلائيندڙ ملاحن، ٻيڙياتن ۽ سندن رهبرن (سُونهَن) جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ اهو ٻڌايو آهي ته هيءَ دنيا به سمنڊ وانگر وسيع آهي، اُن ۾ ڪاميابيءَ سان زندگي گذارڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن استاد يا رهبرَ جي ضرورت پوي ٿي.

# پنهنجي پاران

سڄي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سندن ڪم جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ، انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻاراڻا ايڊيشن ڪيندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ ’واڌو مددگار مطالعي‘ (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن، پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ ڪين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگره وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻاراڻا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت ’اسان جو اقبال‘ نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جو قومي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، نہ صرف سنڌ، پاڪستان بلڪ سموري دنيا جي وڏن شاعرن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. **’شاهہ جو رسالو‘** هر سنڌيءَ جي گهر ۾ لازمي طور هوندو آهي ۽ وڏي عمر جا مرد ۽ عورتون ان مان ڪيترائي بيت پهاڪن ۽ چوڻين طور پيا ورجائيندا آهن، پر ڪجهہ وقت کان نوجوان نسل ۾ اهو تاثر اُڀريو آهي تہ شاهہ لطيف جي ٻولي ڏکي آهي ۽ کين اها گهٽ سمجهہ ۾ ٿي اچي. منهنجي خيال ۾ ان جو سبب اهو آهي، جو اسان ٻارن کي ننڍي هوندي کان شاهہ لطيف ۽ سندس ڪلام جي باري ۾ مناسب ساڃاهہ ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. جيڪڏهن اسين ڪچيءَ کان کين شاهہ جا بيت ٻڌايون ۽ ٻار جي عمر کي ڌيان ۾ رکي، درجيبندي ڪري پهرين سؤلا ۽ پوءِ آهستي آهستي ڳوڙهي معنيٰ رکندڙ بيت سندن ڪنن ۾ وجهون ۽ انهن جي معنيٰ کين سمجهايون تہ وڏو ٿي ڪوبہ نوجوان ائين ڪونہ چوندو تہ شاهہ جي ٻولي ڏکي آهي. ٻوليءَ کان اڳتي شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ معنيٰ جا موتي وکريا پيا آهن. اعليٰ انساني اخلاقي قدرن، وطن دوستيءَ ۽ انسان دوستيءَ سان گڏ دنيا ۾ ڪامياب زندگي گذارڻ جا سبق پريا پيا آهن. ضروري آهي تہ پنهنجن ٻارن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت لاءِ اهي کين پڙهايا وڃن.

ڪجهہ ڏينهن اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو تہ سنڌ گريجوئيٽس

ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 ’روشن تارا‘ اسڪولن ۾ چوٿين ڪان ائين ڪلاس تائين شاهہ لطيف پڙهايو ويندو آهي، ان لاءِ پاڻ ڪجهہ ڪتاب بہ تيار ڪرايا هئائون، جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا آهن. وري هاڻي تازو پاڻ اها خوشخبري بہ ٻڌايائين تہ سنڌ حڪومت بہ اصولي طور اها ڳالهہ قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، جنهن موجب اسڪولن ۾ ”درسِ لطيف“ جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان اسان بهتر سمجهيو تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بہ سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان **”درسِ لطيف“** ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا آهن، جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا آهن. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏئي، ٻارن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان ڏس ۾ آءٌ محترم پروفيسر سيد شيرشاهہ ۽ محترم پروفيسر تاج جويو جي ٿورائتي آهيان، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ۽ تمام سهڻيون صلاحون ڏنيون.

مون کي اميد آهي تہ هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ جي ساڃاهہ پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

**_ ڊاڪٽر فهميده حسين**

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پيغام

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو عظيم صوفي شاعر ۽ اسان جو رهبر ۽ رهنما آهي، جنهن اسان کي ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترائي سهڻا سبق ڏنا آهن. سندس ڪلام جو ڪتاب "**شاهہ جو رسالو**" سڏجي ٿو. جيڪو پوري دنيا ۾ پسند ڪيو وڃي ٿو. شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌ جي لوڪ داستانن جي ڪردارن جا مثال ڏئي ڀليون ڳالهيون سيکاريون ويون آهن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي رسالي کي سُرن ۾ ورهائي، بيتن ۽ واين ذريعي پاڻ سڃاڻڻ، ۽ پنهنجي خالق ۽ رب کي سڃاڻڻ جو سبق ڏنو آهي. شاهہ صاحب قرآن شريف جي آيتن، حديثن، درويشن ۽ ڏاهن ماڻهن جي زندگيءَ جي تجربن ذريعي چڱن اخلاقن، محنت، محبت ۽ ڀلائيءَ جو پيغام ڏنو آهي.

هن پنهنجي رسالي ۾ غريب هارين نارين، ڌنارن، پنهوارن ۽ ٻين پورهيتن جي ڪردارن کي پيش ڪيو آهي، جيڪي هر وقت محنت ڪري پنهنجو گذرسفر ڪن ٿا ۽ ڪنهن جي ڪاڻ نہ ٿا ڪڍن. هن جي نظر ۾ سمورا پورهيت عزت ۽ احترام لائق آهن. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انسانن کي سهڻا عمل ڪرڻ لاءِ چاهہ ڏياري ٿو ۽ خراب ڪم ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ لاءِ ٿو چوي، پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ محنت، جدوجهد، همت، حوصلي ۽ قربانيءَ جو درس ڏئي ٿو . شاهہ صاحب سٺو انسان بڻجڻ لاءِ دل مان نفرت ۽ ڪينو ڪڍي وڌائي، ڪاوڙ ۽ ساڙ کان پاسو ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو. هو يقين ڏياري ٿو تہ نيڪ ڪم لاءِ سچائيءَ سان ارادو ڪنداسين تہ الله سائين مدد ڪندو ۽ اسين پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب ٿينداسين.

شاهہ سائينءَ کي صوفي شاعر بہ چيو ويندو آهي. صوفي الله جي هڪ هئڻ ۾ يقين رکندا آهن، جيڪو پنهنجي سموري مخلوق سان هڪجهڙو پيار ڪري ٿو. ان ڪري صوفين جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن. انسان ننڍو يا وڏو نہ آهي. دنيا ۾ سڀني انسانن سان برابريءَ جي بنياد تي پيائپيءَ وارو تعلق رکجي ۽ هڪ ٻئي جو احترام ڪجي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجو پيغام اسان تائين پهچائڻ لاءِ جن آڪاڻين جو سهارو ورتو آهي، انهن مان ڪن جا نالا هي آهن: عمر مارئي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، سورٺ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر ۽ مومل راڻو وغيره. انهن سمورين آڪاڻين ۾ جيڪي عورتن جا ڪردار آهن، انهن کي ”شاهہ جون سورميون“ بہ چيو ويندو آهي. جيئن مارئي، سسئي، سهڻي، نوري، سورٺ يا مومل جا ڪردار آهن. شاهہ جي رسالي ۾ مختلف سُر انهن لوڪ آڪاڻين يا داستانن تي ٻڌل آهن، جن ۾ اهي سورميون پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون. انهن جي وسيلي

شاهہ صاحب ايمان، حب الوطني، جدوجهد، بي ڊپائي، نوڙت، قرباني ۽ پڃتاءَ جا سبق ڏنا آهن، جيڪي اسان کي هِنيين سان هنڊائڻ گهرجن.

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ نصيحت جا نُڪتا

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جو پهريون سُر "سُر ڪلياڻ" آهي. "ڪلياڻ" جي معنيٰ آهي سک ۽ سُڪون. هي راڳ جو بہ هڪ سُر آهي، جيڪو سانجهيءَ جي وقت ڳائبو آهي. شاهہ جي رسالي جي هن پهرئين سُر جي شروعات الله سائينءَ جي ساراهہ ۽ حمد سان ٿيل آهي. جنهن ۾ سندس ذات مبارڪ جون ڪيئي وصفون بيان ڪيل آهن. هن ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ الله تعاليٰ جي ذات واحد آهي ۽ اُن جو ڪو شريڪ ۽ برابر ڪو نہ آهي. هن رسالي ۾ الله جي طرفان موڪليل آخري رسول محمد ﷺ جي نبوت جو پڻ اقرار آهي ۽ پاڻ سڳورن جي تعريف ۾ ڪيترائي بيت چيل آهن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جيئن تہ صوفي شاعر آهي، ان ڪري سندس ڪلام جو خاص نُڪتو اهو آهي تہ الله جي ذات هڪ آهي ۽ هن سموري ڪائنات ۾ سندس ذات جو جلوو سمايل آهي. اُن ريت صوفي اهو مڃين ٿا تہ الله پاڻ خالق آهي ۽ سندس خلقيل سموري مخلوق اُن کي پياري آهي، جنهن سان هو هڪ جيترو پيار ڪري ٿو. الله جي مخلوق ۾ اسين سڀ انسان بہ اچي وڃون ٿا ۽ جيڪڏهن الله سائين سڀني سان هڪجهڙي محبت ٿو ڪري تہ اسان کي بہ سڀني انسانن کي برابر سمجهي، انهن سان پيار محبت سان هلڻ گهرجي.

شاهہ سائينءَ جي رسالي ۾ ٻيو سر آهي "يمن ڪلياڻ" ان ۾ ٻين ڳالهين کان سواءِ پاڻ اسان کي سيکاري ٿو تہ پنهنجي پاڻ تي ضابطو رکجي ۽ هر ڪنهن سان اخلاق سان پيش اچجي.

"سر سريراڳ" ۾ شاهہ سائين سمنڊ ۽ مهراڻ جي ملاحن ۽ ساموندين جي معرفت دنيا ۾

بهتر زندگي  گذارڻ جي سکيا ڏني آهي ۽ ٻڌايو آهي تہ جيئن سمنڊ ۾ ٻيڙيون، انهن جا ٻيڙياتا، ملاح وغيره خبرداريءَ  سان لنگهي پار پوندا آهن، تيئن هر ڪنهن کي دنيا ۾ خبرداريءَ سان پنهنجي استادن جي هدايتن مطابق زندگي گذارڻ گهرجي.

●●●

بيت: 1

**اَولُ، اللهُ، عَليمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڏَڻي،**
**قادرُ پنهنجي قُدرتَ سين، قائم آهي قديمُ،**
**واليِ، واحدُ، وحدہُ، رازقُ ربُ، رَحِيمُ،**
**سو ساراهِ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيمُ،**
**ڪري پاڻ ڪريمُ، جوڙون جوڙ جهانَ جِي!**

| | | | |
|---|---|---|---|
| اول: | پهرين، پهريون | والي: | مالڪ، وارث (الله جو هڪ نالو) |
| عليم: | علم وارو، ڄاڻ وارو (الله جو هڪ نالو) | واحد: | اڪيلو هڪ (الله جو هڪ نالو) |
| اعليٰ: | اوچو، برتر، مٿانهون | وَحدَہ: | هيڪڙائي وارو، اڪيلائي وارو |

عالم: جهان، دنيا

قادر: وس وارو، اختيار وارو (الله جو هڪ نالو)

قدرت: اختيار، سگهه

قائم: موجود، مستقل، بيٺل

قديم: پراڻو، آڳاٽو، اڳوڻو، هميشه کان

حڪيم: ڏاهپ وارو ، سياڻو (الله جوهڪ نالو)

ڪريم: ڪرم ڪندڙ مهربان، ٻاجهارو (الله جو هڪ نالو)

رازق: رزق ڏيندڙ روزي رسائيندڙ

ربُ: پاليندڙ پالڻهار ( الله جي صفت)

رحيم: رحم ڪندڙ ٻاجهارو (الله جو هڪ نالو)

حمد: الله جي تعريف، ثنا، واکاڻ

جوڙُون جوڙ: اڏاوت، بناوت

جهان: دنيا، سنسار، ڪائنات

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُر ڪلياڻ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ الله سائينءَ جي ساراهه ڪئي وئي آهي ۽ سندس مختلف وصفون ۽ خوبيون بيان ڪيون ويون آهن ۽ سمجهايو ويو آهي ته الله سائين سڀ کان ڀهريون، سڀ ڄاڻندڙ سڀني کان اوچو ۽ سموري ڪائنات جو مالڪ آهي. اهو سڀني کان وڏيڪ سگهارو آهي ۽ پنهنجي قدرت ۽ سگهه سان هميشه کان موجود آهي. هو سڀني جو والي وارث آهي، هو هڪ آهي، روزي ڏيندڙ پالڻهار ۽ رحم ڪندڙ آهي. تون سندس ساراهه ڪرڻ لاءِ حڪمت وارو حمد پڙهه. ڇو ته هو ٻاجهه ڪرم ڪرڻ وارو مهربان، سڄي دنيا ڪي جوڙڻ ۽ ٺاهڻ وارو آهي. تون ان ڏاهپ واري مالڪ ۽ سچي ڌڻيءَ ڪي ساراهه ۽ ان جي واکاڻ ڪر، جيڪو مهربان پنهنجي ٻاجهه سان ڪائنات ۾ موجود شيون خلقي يا جوڙي ٿو.

●●●

بيت: 2

**وَحدهٗ لا شَريڪَ لَـهُ، جن اُتو سين ايمانَ،**
**تِن مڃيو محمد ڪارڻي، قَلبَ ساڻ لِسانَ،**
**اُوءِ فائقَ ۾ فرمان، اَوتَڙِ ڪنهن نہ اوليا.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| وحدهٗ: | هو هڪ آهي | قَلب: | دل، من |
| لاشريڪ لهٗ: | سندس ڪو مَٽ نہ آهي | لِسان: | زبان |
| اُتو: | چَيو | فائق: | قرآن شريف / مٿاهون، سڀ |
| سين: | سان | | کان وڏيڪ، اعليٰ، اڳرو |
| اِيمان: | عقيدو، ويساهہ | فرمان: | حڪم |
| ڪارڻي: | ڪارڻ، سبب، دنيا جي | اَوتَڙ: | غلط راهہ، خراب تڙ، ڏکيو پٽڻ |
| | پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ | اوليا: | ڏِڪجي ويا، گِهلجي ويا |

بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُر ڪلياڻ“ جو آهي. هن بيت جي معنيٰ آهي تہ جن ماڻهن ويساهہ سان چيو تہ الله هڪ آهي ۽ سندس ڪو بہ مَٽ ۽ برابر ڪونهي ۽ انهن دل ۽ زبان سان اهو بہ مڃيو تہ اسان جو پيارو نبي حضرت محمد ﷺ هن دنيا جي پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ آهي، انهن لاءِ قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي، تہ اهڙا ماڻهو ڪڏهن بہ گمراهہ ڪو نہ ٿيندا ۽ ڀٽڪي نہ سگهندا. ڇاڪاڻ تہ پختي ايمان جي لاءِ دل سان ويساهہ ۽ زبان سان اقرار ڪرڻ لازم آهي.

بيت: 3

**پَڙهيو ٿا پڙهن، ڪَڙهن ڪين قُلوبَ ۾،**
**پاٺان ڏوهَ چَڙهن، جِئن وَرقَ ورائين وِترا.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| **ڪَڙهن:** | **پچائين، هَنڍائين** | **وَرقَ:** | **پنا، صفحا** |
| **قُلوب:** | **(قلب جو جمع) دل، مَن** | **ورائِين:** | **اُٿلائِين، مٿائِين** |
| **پاٺان:** | **پاڻ تي، پاٺيهي** | **وِترا:** | **گهڻا، ججها** |

بيت جي سمجهاڻي

**هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سر يمن ڪلياڻ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائينءَ علم ۽ عمل جي اهميت بيان ڪئي آهي ۽ اسان کي سمجهايو آهي تہ اسين جيڪي بہ پڙهون ۽ جيترو بہ پڙهون، ان کي سمجهي هِنئين سان هنڊائڻ ضروري آهي. بنا سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ جي ٿلها پنا اٿلائڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. پاڻ اهو ڏوهہ آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ علم حاصل ڪرڻ سان گڏ ان تي عمل بہ ڪريون.**

●●●

## بيت: 4

**هُو چَوَنئي، ٽُون مَ چئو، واتان ورائي،**
**اَڳَ اَگِرائِي جو ڪري، خَطا سو ڪائي،**
**پاندَ ۾ پائي، وِيو ڪِيني وارو ڪِينڪي،**

| | | | |
|---|---|---|---|
| **چوَنئي:** | **توکي چون** | **خطا:** | **ڀُل، چڪ، غلطي** |
| **مَ:** | **نہ** | **ڪائي:** | **نقصان ڪٽي** |
| **ورائي:** | **موٽائي، ورندي ڏئي** | **پاند:** | **پلئہ، جهولي** |
| **اڳ:** | **اڳ ۾، پهرين** | **ڪينو:** | **بغض، ساڙ، حسد** |
| **اگرائي:** | **چڙهائي، ڏاڍائي، اُبهرائي** | **ڪينڪي:** | **ڪجهہ بہ نہ، اصل نہ** |

### بيت جي سمجهاڻي

**هيءُ بيت شاهہ سائينءَ جي رسالي جي ”سريمن ڪلياڻ“ مان ورتل آهي. هن بيت ۾ شاهہ صاحب اسان کي سمجهايو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو توهان سان وڙهي يا گستاخي ڪري يا خراب هلت هلي، تہ بہ توهان موٽ ۾ جهيڙو نہ ڪريو ۽ نہ ئي موٽائي ورندي ڏيو. ڇاڪاڻ جو جيڪو ماڻهو اڳرائي ۽ ڏاڍائي ڪري ٿو اُهو غلط آهي ۽ ان جو ئي نقصان ٿيندو آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي دل ۾ ساڙ ۽ حسد رکندو ان کي پڇتاڙيءَ ۾ ڪجهہ بہ هڙ حاصل نہ ٿيندو آهي ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي هميشہ ناڪامي پلئہ پوندي آهي.**

●●●

## مشق

(1) **سوال**

i) **”ڪلياڻ“ جي معنيٰ ڇا آهي؟**

ii) **الله تعاليٰ جي ڪهڙن نالن جو هنن بيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي؟**

iii) **اسان جي پياري نبي محمد ﷺ جن جي پيروي ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڇا ٿيندو؟**

iv) **توهان پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ مان ڇا سمجهيو آهي؟**

v) **اڱرائي ڪرڻ واري کي ڇا حاصل ٿيندو آهي؟**

(2) **هيٺين لفظن جا ضد لکو؟**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اعليٰ | | اوتڙ | |
| قديم | | خطا | |
| حرام | | | |

(3) **شاهه سائينءَ جا بيان ڪيل نصيحت جا نُڪتا لکو.**